
# مدني جو شوق

**23-June-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

23 جون، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مديني جو شوق

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... بخشش جو پيغام ملي ويو

✿... امَّت تي ڪرم نوازي

✿... مديني پاڪ جي حاضريءَ جي لاءِ جلدي ڪريو!

✿... شفاعت واجب ٿي وئي...!

✿... ايمان مديني جي طرف سمٽجي ويندو

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سُنّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**مشهور صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ **ڪان روايت آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي**صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: جيڪو منهنجي قبر جي ويجهو مون تي سلام عرض ڪري، الله پاڪ ان تي هڪ ملائڪ مقرر فرمائيندو، جيڪو مون تائين ان جو سلام بہ پهچائيندو ۽ ان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪمن جي ڪفايت بہ ڪندو ۽ ان سان گڏوگڏ قيامت جي ڏينهن ان** (سلام عرض ڪرڻ واري) **جي شفاعت پڻ ڪندو.**[1]

**اي عاشقانِ رسول! نهايت ئي عظيم سعادت آهي جو ٻانهي کي مديني پاڪ جي حاضريءَ جو موقعو نصيب ٿئي❁جنهن پياري آقا، مديني واري مصطفٰي**صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جو اسان ڪلمو پڙهون ٿا ❁جنهن جي محبت دلين ۾ سجائي رکون ٿا ❁ جنهن جي شفاعت جي اميد رکون ٿا ❁ان آقا ڪريم، رؤف الرحيم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي نور واري روضي جي زيارت جو شرف نصيب ٿئي❁سهٽيون ڄاريون هجن❁هٿ ٻڌي ڪري❁متو جهڪائي ڪري❁دل ۾ مصطفٰي ڪريم جي ياد سجائي ڪري❁لڙڪ وهائي ڪري❁تڙپي تڙپي ڪري پنهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي پاڪ درٻار ۾ عقيدت ڀريو سلام عرض ڪري رهيا هجون، يقين ڪريو! هي سعادت ملي وڃڻ ئي**

---

[1]... شعب الايمان، باب فی تعظيم النبی ، جلد:2، صفحہ:218، حديث:1583ملتقطاً۔

تمام وڏو انعام آهي، جنهن خوش نصيب کي زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو به هي موقعو نصيب ٿي وڃي، يقيناً اهو مقدر جو سڪندر آهي.

پر قربان وڃون! ڪريم جو ڪرم رڪجندو ناهي، جيڪي ڪرم وارا هوندا آهن انهن جو ڪرم محدود ناهي هوندو. هڪ ته هيءَ ئي سعادت تمام وڏي آهي جو ٻانهي کي اتي حاضري جو موقعو نصيب ٿي وڃي، سلام عرض ڪرڻ جي سعادت ملي وڃي، ان سان گڏوگڏ سعادت ماڻڻ واري تي وڏيڪ ڪرم اهو به ٿيندو آهي ته آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ الله پاڪ ان ٻانهي سان گڏ هڪ فرشتو مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ ان جو سلام به پيش ڪندو آهي ۽ سلام عرض ڪرڻ واري جي دنياوي ۽ اُخروي ڪمن ۾ ڪِفايت پڻ ڪندو آهي، هيستائين بس ناهي، ان تي وڏيڪ ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيندو آهي جو تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جي ڏينهن ان (سلام عرض ڪرڻ واري) کي شفاعت سان به نوازيندا.

عَجَب کرم شَہِ والا تبار کرتے ہیں | کہ نااُمیدوں کو اُمید وار کرتے ہیں
مجھے فَسُرْدَگیٔ بخت کا اَلَم کیا ہو | وہ ایک دَم میں خِزاں کو بہار کرتے ہیں
جو خوش نصیب یہاں خاکِ دَر پہ بیٹھتے ہیں | جلوسِ مَسندِ شاہی سے عار کرتے ہیں[1]

وضاحت: اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جون ڪرم نوازيون به ڪمال آهن جو نااميدن کي اميد عطا فرمائن ٿا. مونکي بدقسمتي جو غم ڇو ٿئي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم يڪدم سرءُ کي بهار (يعني بُري قسمت کي چڱي) ڪري ڇڏين ٿا، اهو خوش نصيب جنهن کي مديني پاڪ جي مٽيءَ تي ويهڻ نصيب ٿي وڃي، اهو بادشاهن جي تخت کي خاطر ۾ ناهي آڻيندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…ذوقِ نعت، صفحہ:194۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت افضل ترين عمل آهي.[(1)]

اي عاشقانِ رسول! هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت ٺاهيو ڇو ته چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثلاً نيت ڪيو! ❁ علم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس. ❁ با ادب ويهندس. ❁ پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس. ❁ جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! حج جي بهار واري موسم جاري ۽ ساري آهي، حج جا ڏهاڙا ويجهي کا ويجهو ٿيندا پيا وڃن❁خوش نصيب، سعادت مند عاشقانِ رسول حج جي سعادت حاصل ڪندا❁ڪعبي جو طواف ٿيندو❁صفا ۽ مروه جي سعي ٿيندي❁منٰي ۾ حاضري❁ميدانِ عرفات ۽ مزدلفه جو قيام ٿيندو،❁هي سڀ سعادتون ماڻڻ کان بعد عاشقانِ رسول دلين ۾ عشقِ رسول جا چراغ روشن ڪري❁اکين ۾ لڙڪ ڪٽي❁تڙپندي، بيقرار ٿيندي❁خوشيءَ مان جهومندي پنهنجي ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دربارِ عالي شان ۾، نور واري روضي تي حاضري ڏيندا، هي ڪيڏا خوش نصيب ماڻهو هوندا جن کي تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي در جي حاضريءَ جي اجازت عطا فرمائيندا، ڪاش...! اهو ڏينهن به اچي، اسان گنهگارن کي به هيءَ سعادت ملي، مديني کان حاضريءَ جو پيغام اچي ۽

---

1... جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284۔

اسان گنهگارن کي بہ مديني پاڪ جي حاضريءَ جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

ہے آرزُو یہ دِل کی ، میں بھی مدینے جاؤں | سلطانِ دوجہاں کو سب حالِ دِل دِکھاؤں
کاٹوں ہزار چکر طیبہ کی ہر گلی کے | یُوں ہی گزار دُوں میں اَیّام زِندگی کے
پھولوں پہ جاں نثاروں ، کانٹوں پہ دِل کو واروں | ذَرّوں کو دُوں سلامی ، دَر کی کروں غُلامی
دِیوار و دَرْ کو چُوموں ، قدموں پہ سَر کو رَکھ دُوں | روضے کو دیکھ کر میں روتا رہوں برابر
حضور ایسا کوئی انتظام ہو جائے | سلام کے لئے حاضر غلام ہو جائے

عاشقِ مدينہ، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار، قادري، رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دربار ۾ استغاثو پيش ڪن ٿا.

بُلا لو پھر مجھے اے شاہِ بحرو بَر مدینے میں | میں پھر روتا ہوا آؤں تِرے دَر پر مدینے میں
سلامِ شوق کہنا حاجیو! میرا بھی رَو رَو کر | تمہیں آئے نظر جب روضۂ انور مدینے میں
وہاں اک سانس مل جائے یہی ہے زِیست کا حاصل | وہ قسمت کا دھنی ہے جو گیا دم بھر مدینے میں [1]

الله ڪري اسان کي بہ اها سعادت نصيب ٿئي، مديني پاڪ جي حاضريءَ جي اجازت ملي ۽ مديني پاڪ ۾ حاضر ٿي ڪري شفاعت جي خيرات پِنَڻ نصيب ٿي وڃي، يقين ڪريو! مديني پاڪ جي حاضري تمام وڏي سعادت آهي.

## مجرم گهرائي آندا ويا آهن...!

اميرُ المؤمنين حضرتِ سيدُنا مَوليٰ علي مشڪل ڪشا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَه الْكَرِيْم فرمائن ٿا: ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ظاهري دنيا مان پردو فرمائيندي اجان 3 ڏينهن مس گذريا هئا، هڪ بَدْوي (عرب جو ڳوٺاڻو) مزارِ پُر انوار تي حاضر ٿيو، ان پاڻ کي قبرِ انور تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ مزار جي نوراني مٽيءَ کي پنهنجي مٿي ۾ وجهي عرض ڪيائين: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!

---

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:280-282ملتقطاً۔

جيڪو ڪجھ توهان الله پاڪ کان ٻڌو آهي، اهو اسان توهان کان ٻڌو آهي، يارَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾ (سيپارو: 5، سورة نساء: 64) | ترجمو ڪنزالعرفان:جيڪڏهن اُهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري وينا هئا تہ اي حبيب! اوهان جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين ها پوءِ الله کان معافي گھرن ها ۽ رسول (بہ) انهن جي مغفرت جي دعا فرمائن ها تہ ضرور الله کي گھڻو توبہ قبول ڪرڻ وارو، مهربان لهن ها |

ان ٻُوناڻي عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون پاڻ تي ظلم ڪيو آهي (يعني مون کان گناهہ ٿي ويو آهي) توهان جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ حاضر ٿيو آهيان تہ جيئن توهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي لاءِ استغفار (يعني مغفرت جي دعا فرمايو).

سُبْحٰنَ الله! ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪرم تي قربان وڃون! هيڏانهن ٻُوناڻي عرض ڪيو هوڏانهن قبرِ انور مان آواز آيو: قَدْ غُفِرَ لَكَ تنهنجا گناهہ بخشيا ويا آهن.[1]

مجرم بُلائے آئے ہیں جَآءُوْكَ ہے گواہ | پھر رَد ہو کب یہ شان کریموں کے در کی ہے[2]

وضاحت: يعني قرآنِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن اهي پنهنجين جانين تي ظلم ڪن تہ اي محبوب توهان جي حضور حاضر ٿين ۽ پوءِ الله پاڪ کان معافي گھرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائن تہ ضرور الله پاڪ کي تمام گھڻو توبهہ قبول

---

[1]... ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار، جز:2، جلد:1، صفحہ:166، حديث:4319۔

[2]... حدائق بخشش، صفحہ:205 ۔

ڪرڻ وارو مهربان لهن. قرآنِ ڪريم ته پاڻ گنهگارن کي پنهنجي حبيب جي دربار ۾ گهرائي رهيو آهي ۽ ڪريمن جو هي شان ناهي ته پنهنجي دروازي تي گهرائي خالي هٿين واپس موٽائي ڇڏين.

کیا اور بھی کسی سے توقُّع نظر کی ہے | تجھ سے چھپاؤں مُنھ تو کروں کس کے سامنے [1]

وضاحت: اي حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توهان کان منهن لِڪائي ڪري مان ڪنهن جي اڳيان پنهنجي حاجت ڪٽي ويندُس، ڪير منهنجو ڪارو چهرو ڏسندو، ڇا توهان کان سواءِ اسان جي لاءِ ٻيو ڪير آهي؟ جنهن کان اسان مهرباني ۽ توجهه جي اميد رکون، جيڪو اسان جي خالي جهولين کي ڀري سگهي؟ نه نه توهان کان سواءِ ٻيو ڪير به ناهي.

## بخشش جو پيغام ملي ويو

اهڙيءَ طرح جي هڪ روايت علّامه ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عُيونُ الحڪايات ۾ به نقل ڪئي آهي: حضرت محمد بن حرب هِلالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: هڪ ڀيري آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روضي تي حاضر هئس، مون ڏٺو! هڪ ڳوناٺو (يعني عرب جي ڳوٺ جو رهڻ وارو) دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهِ بيڪَس پناهه ۾ عرض ڪيائين: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله پاڪ توهان تي جيڪو سچو ڪتاب نازل فرمايو آهي، ان قرآنِ پاڪ ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِیْمًا (۶۴)<br>(سيپارو: 5، سورة نساء: 64) | ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن اُهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري وينا هئا ته اي حبيب! اوهان جي بارگاهه ۾ حاضر ٿين ها پوءِ الله کان معافي گهرن ها ۽ رسول (به) انهن جي مغفرت جي دعا فرمائن ها ته ضرور الله کي گهڻو توبه قبول ڪرڻ وارو، مهربان لهن ها |

[1]... حدائق بخشش، صفحه: 226 ـ

**ان ٻوڙائي ھيءَ آيت پڙھڻ کان بعد عرض ڪيو: اي منھنجا ڪريم آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**! مان پنھنجي گناھن جي معافي جي لاءِ اوھان جي ڪرم واري دربار ۾ حاضر ٿيو آھيان، اوھان** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پنھنجو شَفيعُ** (يعني شفاعت ڪندڙ بڻايا ٿو).

**ھي چئي ڪري اھو عاشقِ رسول ٻوڙائو روئڻ لڳو ۽ ان جي زبان تي ھي اشعار جاري ٿي ويا:**

| | |
|---|---|
| يَا خَيْرَ مَنْ دُفِنَتْ بِالْقَاعِ اَعْظُمُهٗ | فَطَابَ مِنْ طِيْبِهِنَّ الْقَاعُ وَالْاَكَمُ |
| رُوْحِی الْفِدَاءُ لِقَبْرٍ اَنْتَ سَاكِنُهٗ | فِيْهِ الْعِفَافُ وَفِيْهِ الْجُوْدُ وَالْكَرَمُ |

وضاحت: **اي اھا بھترين ذات! جنھن جو مبارڪ وجود ھن زمين ۾ دفن ڪيو ويو تہ ان جي عمدگي ۽ پاڪيزگي سان ميدان ۽ پھاڙ خوشبودار ٿي ويا. منھنجي جان قربان ھن قبرِ انور تي جنھن ۾ اوھان**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آرامي آھيو، جنھن ۾ پاڪدامني، سخاوت ۽ عفو و ڪرم جو اڻ کٽ خزانو آھي**

**اھو عاشق ڪافي دير تائين روئيندي ھي شعر پڙھندو رھيو پوءِ پنھنجي گناھن جي معافي گھرندو لڙڪن سان آليون اکيون کڻي ھليو ويو، حضرت محمد بن حَرب هِلالي**رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا: جڏھن مان سُتس تہ خواب ۾ ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي زيارت جو شرف مليو، پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **مونکي فرمايو:** اِلْحَقِ الرَّجُلَ فَبَشِّرْهُ اَنَّ اللهَ تَعَالٰى قَدْ غَفَرَ لَهٗ بِشَفَاعَتِیْ **يعني ان ٻوڙائي سان ملو ۽ ان کي خوشخبري ٻڌايو تہ الله پاڪ منھنجي شفاعت جي برڪت سان ان ٻوڙائي جي مغفرت فرمائي ڇڏي آھي.**[1]

| | |
|---|---|
| سرگزشتِ غم کہوں کس سے ترے ہوتے ہوئے | کس کے در پر جاؤں تیرا آستانہ چھوڑ کر |
| بخشوانا مجھ سے عاصی کا رَوا ہوگا کسے! | کس کے دامن میں چھپوں دامن تمہارا چھوڑ کر[2] |

[1]... عيون الحکايات، جلد:2، صفحہ:308۔

[2]... ذوق نعت ، صفحہ:133-134ملتقطاً۔

# امّت جي حق ۾ هاڻي بہ ڪرم فرمائيندا آهن

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هنن ٻنهي واقعن تي ٿورو غور ڪريو! هڪ واقعو صحابيءِ رسول جو آهي، هڪ واقعو ڪنهن خوش نصيب عاشقِ رسول جو آهي، هنن ٻنهي واقعن تي غور ڪريو! هنن مان واضح خبر پئي تہ اسان جا ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي امّت سان ڪيڏي محبت فرمائن ٿا، ڪيڏا رحيم آهن، ڪيڏا ڪريم آهن، ٿورو سوچيو تہ سهي! جڏهن اسان جا ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا، تڏهن بہ رَبِّ هَبْ لِی اُمَّتِی پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان تي هو، جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، امّت جي غم ۾ غمگين رهندا هئا، جڏهن ظاهري دنيا مان پردو فرمايائون، تڏهن بہ رَبِّ هَبْ لِی اُمَّتِی پاڻ سڳورن جي زبان تي هو، ۽ هاڻي جڏهن تہ مزار شريف ۾ تشريف فرما آهن، الحمد لله! هاڻي بہ حيات آهن، ڪرم بہ فرمائين ٿا، گناهگارن جي بخشش بہ ڪرائين ٿا، شفاعت بہ فرمائن ٿا، امّت جي حالات کان آگاهہ بہ آهن ۽ نصيب بہ سنوارين ٿا.

جن کا نہ بھاؤ کوئی دُنیا میں پوچھتا ہو | سینے سے ان کو آقا اپنے لگا رہے ہیں
اُمّت کے حال سے ہیں آگاہ ہر گھڑی آپ | خوابوں میں آرہے ہیں، بگڑی بنا رہے ہیں[1]

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، امامِ عشق و محبت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن بہ ڪمال ڪيو آهي، لکن ٿا:

ہر منزل اپنے چاند کی منزلِ غَفَر کی ہے | دُنیا مزار حشر جہاں ہیں غفور ہیں[2]

وضاحت: هي جيڪو چنڊ آسمان تي نڪري ٿو، ان چنڊ جون مختلف منزلون آهن، انهن مان هڪ جو نالو غَفر آهي. جڏهن چنڊ منزلِ غَفر ۾ هوندو آهي، ان

[1] ... وسائل بخشش، صفحہ:298۔

[2] ... حدائق بخشش، صفحہ:209۔

وقت کي نهايت برڪت وارو سمجهيو ويندو آهي، اعليٰ حضرت انهي طرف اشارو ڪندي فرمائي رهيا آهن تہ هي چنڊ جيڪو آسمان تي نڪري ٿو، هي تہ ڪڏهن ڪڏهن منزلِ غفر ۾ هوندو آهي پر طيبہ جي چنڊ نبين جي سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳالهہ ئي الڳ آهي، هي اهي مبارڪ چنڊ آهن جيڪي هر وقت ئي منزلِ غفر ۾ هوندا آهن، انهن جي هر منزل منزلِ غفر آهي، دنيا ۾ هجن، تڏهن بہ غَفور (يعني بخشرائڻ وارا) آهن، مزار ۾ تشريف فرما هجن، تڏهن بہ غفور آهن ۽ آخرت ۾ جڏهن ميدانِ محشر ۾ تشريف ڪٽي ايندا، تڏهن بہ بخشرائيندا ۽ الله پاڪ جي عطا سان شفاعت فرمائي ڪري پنهنجي غلامن کي جنّت ۾ پهچائيندا.

ہر منزل اپنے چاند کی منزلِ غَفَر کی ہے | دُنیا مزار حشر جہاں ہیں غفور ہیں

## آيو آهيان جَآءُوْكَ پڙهي ڪري

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش صد ڪروڙ ڪاش...! اسان کي بہ موقع نصيب ٿئي، اسان بہ مديني پاڪ حاضر ٿيون، گنبدِ خضرا جي ڇانوَ ۾ سهٽين ڄارين جي سامهون مٿو جهڪائي ڪري، هٿ ٻڌي ڪري حضور جي بارگاهہ ۾ شفاعت جي خيرات ڀِنون اسان بہ عرض ڪريون: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! گناهن ۾ پريل آهيان، مٿي ڪان پيرن تائين گناهن ۾ ٻڏل آهيان، توهان جو غلام دربار ۾ حاضر آهي، بخشش جي خيرات گهري رهيو آهيان.

میں کر کے ستم اپنی جاں پر | قرآن سے جَآءُوْكَ سُن کر
آیا ہوں بہت شرمندہ سا | سرکار توجہ فرمائیں ، سرکار توجہ فرمائیں

اَسْئَلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ الله

يارَسُولَ الله! مان توهان جي شفاعت جو سوالي آهيان.

اَسْئَلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ الله

يارَسُولَ اللهُ! مان توهان جي شفاعت جو سوالي آهيان.

اَسْئَلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ الله

يارَسُولَ اللهُ! مان توهان جي شفاعت جو سوالي آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ جلدي ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي جيڪا آيتِ ڪريمہ اسان ٻنهي واقعن ۾ ٻڌي تہ الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

(سيپارو: 5، سورة نساء: 64)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن اُهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري وينا هئا تہ اي حبيب! اوهان جي بارگاھ ۾ حاضر ٿين ها پوءِ الله کان معافي گهرن ها ۽ رسول (بہ) انهن جي مغفرت جي دعا فرمائن ها تہ ضرور الله کي گهڻو توبہ قبول ڪرڻ وارو، مهربان لهن ها

هن آيت ڪريمہ ۾ اسان گناهگارن جي بخشش ۽ مغفرت جو هڪ طريقو ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن ٻانهي کان گناھ ٿي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿي وڃي، مصطفٰي ڪريم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ڪري پاڻ بہ توبهہ ڪري، الله پاڪ کان مغفرت جو سوال ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن بہ ان گناهگار جي لاءِ مغفرت جي دعا فرمائن تہ ضرور الله پاڪ کي توبهہ قبول ڪرڻ وارو بخشڻ وارو لهندا.

هن مان خبر پئي! مديني پاڪ ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روضي جي

سامهون حاضر ٿيڻ سان مغفرت جي خيرات ملندي آهي.

هڪ ٻيءَ آيت ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَسَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ

( سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: 133)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنت ڏانهن ڊوڙو.

اعلٰي حضرت جا والدِ محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن هنڌ نهايت ايمان تازو ڪندڙ مدني گل ڏنو آهي، پاڻ جي فرمان جو خلاصو هي آهي ته انهن ٻنهي آيتن کي ملائي ڇڏيو! پهرين آيت ۾ الله پاڪ هي ٻڌايو آهي ته مديني پاڪ حاضر ٿيڻ، اتي توبهه ڪرڻ سان، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت جي برڪت سان مغفرت ملندي آهي، ٻئي آيت ۾ الله ڪريم فرمائي ٿو: ربِّ ڪريم جي مغفرت جي طرف جلدي ڊوڙي ڪري پهچو، انهن ٻنهي آيتن کي ملائڻ جو نتيجو هي نڪرندو ته قرآن اسان کي هيءَ تعليم ڏئي رهيو آهي: اي گنهگار ٻانهؤ! اي محبوب جا امّتيو! اي عاشقانِ رسول! جيڪي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري ويٺا آهيو، بلڪل به دير نه ڪريو! نهايت جلدي ۾ پنهنجي ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ پهچي وڃو! ڇوته اتي توهان کي مغفرت جي خيرات ملندي.[1]

سُبْحٰنَ الله! خبر پئي! مديني شريف حاضريءَ جي لاءِ جلدي ڪرڻ قرآني آيتن جو مقصود آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان مديني پاڪ جي حاضريءَ جي لاءِ جلدي ڪريون، جيتري جلدي ٿي سگهي اتي پهچڻ جي ڪوشش ڪريون، جنهن کي الله پاڪ استطاعت ڏني آهي، جيڪي اتي پهچي سگهن ٿا، اهي ته مديني پاڪ جي حاضريءَ ۾ بلڪل به سُستي نه ڪن، جڏهن موقعو ملي، حاضر ٿي وڃن ۽ جنهن وٽ استِطاعت ناهي، جنهن وٽ مال ۽ دولت ناهي، ظاهري اسباب ناهن، انهن کي به گهرجي ته مديني پاڪ جي حاضريءَ جو شوق وڌائن،

---

[1] ... جواہر البیان فی اسرار الارکان، صفحہ:204۔

طيبہ جي حاضريءَ جي لاءِ تڙپندا ڪن، روئيندا ڪن، دعائون گهرندا ڪن، طلب سچي هوندي تہ اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! نصيب سنورجي ويندا.

آه! پلے زَر نہیں رَختِ سفر سَرور نہیں | تُم بُلالو تُم بُلانے پر ہو قادِر یانبی!
کس طرح تسکین دُوں گا میں دِلِ غمگیں کو | رَہ گیا گر حاضِری سے میں جو قاصِر یانبی!
آپ ہی اسباب آقا پِھر مہیّا کیجئے | پھر دِکھا دیجے مدینے کے مَناظِر یانبی![1]

## مديني شريف جي حاضري واجب جي ويجهو آهي

فرمانِ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خلاصو آهي: ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پُر نور روضي تي حاضري ۽ اتي جي مٽي کي چمڻ جي سعادت ماڻڻ تمام مستحبات کان اعظم ۽ اهم آهي بلڪ واجب جي ويجهو آهي.[2]

## ملائڪ استقبال ڪندا آهن

جذبُ القلوب ۾ شيخ محقق علّامہ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: جڏهن ڪو مسلمان زيارت جي نيّت سان مديني پاڪ ايندو آهي تہ ملائڪ رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن.[3]

لاکھوں قُدسی ہیں کام خدمت پر | لاکھوں گردِ مزار پھرتے ہیں[4]

وضاحت: يعني ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت جي لاءِ لکين ملائڪ حاضر رهندا آهن ۽ لکين ملائڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نوراني روضي جي چؤطرف چڪر لڳائيندا رهندا آهن تہ ڪڏهن ٿو حڪم اچي

---

[1]… وسائل بخشش،صفحہ:376-377ملتقطاً ۔

[2]… فتاوی رضویہ، جلد:9، صفحہ:538 مفہوماً۔

[3]… جذب القلوب، صفحہ:211۔

[4]… حدائق بخشش، صفحہ:100۔

تہ اسان خدمت جي لاءِ حاضر ٿي وڃون.

## شفاعت واجب ٿي وئي...!

سنن دارِ قطني ۾ روايت آهي: اللّٰه پاڪ جي رسول، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ زَارَ قَبْرِی وَجَبَتْ لَہٗ شَفَاعَتِی جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.[1]

طیبہ میں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند | سیدھی سڑک یہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے[2]

وضاحت: يعني اي زائرينِ مدينہ! هتي وينا رهو ۽ هن ئيءَ چائنٺ تي پنهنجي عمر گذاريو ۽ مطمئن ٿي وڃو تہ سڌو جنّت ۾ ويندؤ ڇوتہ هي جنّت جو رستو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اعلٰي حضرت جا والدِ محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان ٻہ ايمان افروز مدني گلَ ذڪر فرمايا آهن، اچو انهن جو خلاصو ٻڌون ٿا:

## ايمان جي حفاظت جو هڪ مضبوط ذريعو

مدني گل1: هتي هڪ سوال ذهن ۾ ايندو آهي، اهو هي تہ اسان جي ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: شَفَاعَتِی لِاَهْلِ الْكَبَائِرِ مِنْ اُمَّتِی يعني منهنجي شفاعت منهنجي امّت مان ڪبيره گناهہ ڪرڻ وارن جي لاءِ آهي.[3] ۽ هڪ ٻيءَ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيستائين مان پنهنجي هر امّتيءَ کي جهنّم مان ڪڍي ڪري جنّت ۾ داخل نہ ڪرايان، ان وقت تائين مان راضي نہ ٿيندُس.[4]

---

[1]... سنن دار قطنی، کتاب الحج، باب المواقیت، جلد:1، صفحہ:217، حدیث:2669۔

[2]... حدائق بخشش، صفحہ: 222۔

[3]... ابوداؤد، کتاب السنۃ، باب فی الشفاعۃ، صفحہ:746، حدیث:4739۔

[4]... سبل الہدی، الباب الثانی عشر، جلد:2، صفحہ:272۔

هنن حديثن مان خبر پئي ٿي ته گنهگار مسلمان جي لاءِ شفاعت آهي، جڏهن هر گنهگار جي لاءِ شفاعت آهي، چاهي ان مديني پاڪ جي حاضري ڏني هجي يا نه ڏني هجي ته روضي پاڪ جي زيارت ڪرڻ واري جي ڇا خصوصيت ٿي؟ هاڻي جواب ٻڌو: ڪجهه عالمن اهو ارشاد فرمايو آهي ته جيڪي عام گنهگار آهن، جنهن مديني پاڪ حاضري ناهي ڏني، ان جي لاءِ مجموعي شفاعت هوندي پر جن مديني شريف حاضري ڏني آهي، انهن جي لاءِ خصوصي شفاعت هوندي، ميدانِ محشر جي هولناڪين کان انهن جي حفاظت ڪئي ويندي، انهن جي جنّت ۾ بي حساب داخلا ٿيندي، اهي جنّت ۾ بلند درجا ماڻيندا، انهن کي الله پاڪ جو خصوصي ديدار نصيب ٿيندو. مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ان جو هڪ ٻيو ايمان افروز جواب لکيو آهي، اهو هي آهي ته ڏسو! شفاعت ڪنهن کي ملندي؟ صرف مسلمان کي ملندي، ڪافر شفاعت جو حقدار ناهي. هاڻي ٿورو غور ڪريو! شفاعت هر گنهگار جي لاءِ آهي پر صرف ان جي لاءِ جيڪو دنيا مان ايمان جي حالت ۾ ويندو، هاڻي اسان مان ڪير به الله پاڪ جي خفيه تدبير کان واقف ناهي، الله پاڪ اسان جو ايمان سلامت رکي، جيڪو گنهگار آهي ممڪن آهي ته اهو پنهنجن گناهن جي ڪري ايمان کان ئي محروم ٿي وڃي، دنيا مان رخصت ٿيڻ وقت ان جو ايمان کسجي وڃي، جيڪڏهن ايئن ٿيو ته ظاهر آهي ان کي شفاعت نصيب نه ٿيندي، اهو سڄي زندگي شفاعت تي اميد رکي رهيو پر هاڻي ايمان جي حالت ۾ دنيا کان نه ويو ته هاڻي اهو شفاعت کان محروم ٿي ويندو پر ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مدينه منوره حاضر ٿي ڪري نوراني روضي جي زيارت ڪرڻ واري جي لاءِ خوشخبري ڏين ٿا فرمايائون: وَجَبَتْ لَهٗ شَفَاعَتِيْ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي.

واجب هئڻ جي معنٰي آهي: ضرور ملندي. مولانا نقي علي خانرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هاڻي حديث پاڪ جو مطلب هي ٿيندو ته جنهن ايمان جي حالت ۾ نوراني روضي جي زيارت ڪئي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله ڪريم جا محبوب، اسان

جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي ايمان جي حفاظت به فرمائيندا ۽ ان کي شفاعت ضرور ملندي.[1]

محشر میں حساب آہ! میں دے ہی نہ سکوں گا | رحمت نہ ہوئی ہو گا جہنّم میں ٹھکانا
فرمائیں گے جس وقت غلاموں کی شفاعت | میں بھی ہوں غلام آپ کا مجھ کو نہ بھلانا
فرما کے شفاعت مری اے شافعِ محشر | دوزخ سے بچا کر مجھے جنّت میں بسانا

## مصطفٰي جي شفاعت! مرحبا...! مرحبا...!!

مدني گل2: اي عاشقانِ رسول! هن حديث پاڪ ۾ هڪ ٻيو ايمان افروز مدني گل آهي، اهو هي ته ميدانِ محشر ۾ شفاعت تمام گهڻا ماڻهو ڪندا. شفاعتِ ڪبرٰي اسان جي آقا ۽ مولا مڪي مدني مصطفٰيصَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو خاصو آهي يعني شروع ۾ شفاعت جو دروازو ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کوليندا، ان کان بعد ٻيا نبي به شفاعت ڪندا، ملائڪ به شفاعت ڪندا، علما به شفاعت ڪندا، شهدا به شفاعت ڪندا، حاجي به شفاعت ڪندا، باعمل حافظِ قرآن به شفاعت ڪندا.

پر مدينهٔ منوره حاضري ڏيڻ وارن جو شان ئي نرالو آهي، ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنۡ زَارَ قَبۡرِی وَجَبَتۡ لَهُ شَفَاعَتِی يعني جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.[2]

هتي لفظ شَفاعتي آهي، ان جو مطلب هي بڻجي ٿو ته روضي پاڪ جي زيارت ڪرڻ واري جي شفاعت عالم سڳورا نه ڪندا، ملائڪ نه ڪندا، شهيدَ نه ڪندا، حاجي يا حافظ نه ڪندا بلڪ ان جي شفاعت پاڻ تاجدارِ انبيا، مڪي مدني مصطفٰيصَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائيندا.[3]

---

[1]... جواہر البیان فی اسرار الارکان، صفحہ: 205،206ملتقطاً۔

[2]... سنن دار قطنی، کتاب الحج، باب المواقیت، جلد:1، صفحہ:217، حدیث:2669۔

[3]... جواہر البیان فی اسرار الارکان، صفحہ:205ملتقطاً۔

سُبْحٰنَ الله! هيءَ بہ وڏي سعادت آهي جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ شفاعت فرمائيندا ڇو جو شفاعتِ مصطفٰي جو انداز ئي نرالو هوندو، ان جو لطف ئي نرالو هوندو، ان جو ذوق ئي نرالو هوندو، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، امامِ عشق و محبت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمائن ٿا:

کیا ہی ذوق افزا شفاعت ہے تمہاری واہ واہ | قرض لیتی ہے گنہ پرہیز گاری واہ واہ[1]

وضاحت: مطلب هي آهي تہ ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جي ڏينهن ميدانِ محشر ۾ جڏهن ماڻهن جي شفاعت فرمائي رهيا هوندا پاڻ ڪريم جي شفاعت فرمائڻ جو انداز، ان جو لطف ۽ ان جو ذوق اهڙو نرالو هوندو جو جيڪي ماڻهو بخشيل آهن، جنهن گناهہ نہ ڪيا هوندا، جيڪي بنا حساب جي جنّت ۾ وڃڻ جا حقدار هوندا، جيڪي پرهيزگار هوندا، اهي ذوق واري شفاعت ڏسي ڪري حسرت ڪندا تہ ڪاش! اسان جي حصي ۾ بہ گناهہ اچي وڃن اسان کي بہ شفاعتِ مصطفٰي نصيب ٿي وڃي.

بهرحال! حديث پاڪ مان معلوم ٿيو جيڪڏهن ٻانهو نوراني روضي جي زيارت جي سعادت حاصل ڪندو آهي، ان کي ٻئي جي نہ بلڪ خود ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب ٿيندي، سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ نصيب فرمائي.

## نيّت صرف زيارت شريف جي هجي

حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ جَاءَنِيْ زَائِرًا جيڪو منهنجي بارگاهہ ۾ زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو لَا تُعْمِلُهُ حَاجَةٌ اِلَّا زِيَارَتِي ان کان سواءِ ان کي ڪا حاجت نہ هجي (يعني نہ تجارت جي لاءِ آيو، نہ ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ آيو) صرف ۽ صرف منهنجي زيارت

[1]... حدائق بخشش، صفحہ:134۔

جي لاءِ مديني پاڪ پهتو كَانَ حَقّاً عَلَيَّ اَنْ اَكُونَ لَهُ شَفِيعاً يَوْمَ الْقِيَامَةِ مون تي حق آهي ته مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪريان.[1]

## قيامت جي ڏينهن آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو ملي

هڪ روايت ۾ فرمايائون: كَانَ فِي جِوَارِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني جيڪو خاص منهنجي زيارت جي لاءِ مديني پاڪ پهتو اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي جوارِ رحمت(رحمت وارو پاڙي) ۾ هوندو.[2]

هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان عالم سڳورا فرمائن ٿا: هن حديث تي پورو پورو عمل تڏهن ٿيندو جڏهن ٻانهو مسجدِ نبوي جي به نيّت نه ڪري بلڪ ٻانهي کي گهرجي ته جڏهن مديني پاڪ جي طرف سفر شروع ڪري ته صرف ۽ صرف نوراني روضي جي زيارت جي نيّت ڪري، مسجدِ نبوي شريف ۾ نمازون پڙهڻ جي سعادت ضمناً ملي ويندي، مسجدِ قُبا ۾ نماز پڙهي ڪري عمري جو ثواب حاصل ڪرڻ جي سعادت به ضِمناً ملي ئي ويندي پر ان جي نيّت صرف هڪ ئي هجي ته مان روضي پاڪ جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان.

سُبْحٰنَ الله!

پوچھا تھا ہم سے جس نے کہ نَہْضَت کدھر کی ہے | کعبہ کا نام تک نہ لیا طیبہ ہی کہا[3]

وضاحت: يعني جڏهن مون کان پڇيو ويو ته ڪيڏانهن جو ارادو آهي ته مون هي نه چيو ته حج تي وڃا ٿو، يا ڪعبي جي زيارت جي لاءِ وڃان ٿو بلڪ منهنجو هڪ ئي جواب هو ته مان ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ درٻار شريف ۾ وڃي رهيو آهيان.

---

[1]... معجم اوسط، من اسمہ عبدان، جلد:3، صفحہ:266، حديث:4546 ۔

[2]... شُعب الايمان، باب فی المناسک، فضل الحج والعمرة، جلد:3، صفحہ:488، حديث:4152۔

[3]... حدائق بخشش، صفحہ:203۔

# آخرت جي حساب کان نجات

اي عاشقانِ رسول! اچو مديني پاڪ حاضر ٿي ڪري روضي مبارڪ جي زيارت ڪرڻ جي هڪ ٻئي خوبصورت فضيلت ٻڌون ٿا: حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنۡ حَجَّ حَجَّةَ الۡاِسۡلَامِ وَزَارَ قَبۡرِی وَغَزَا غَزۡوَةً وَصَلّٰى عَلَیَّ فِی بَیۡتِ الۡمَقۡدِسِ جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ۽ ان جهاد ۾ شرڪت ڪئي ۽ بيت المقدس ۾ رهي ڪري مون تي دورود پڙهيو لَمۡ يَسۡاَلۡهُ اللهُ عَمَّا افۡتَرَضَ عَلَيۡهِ ته ان کان قيامت جي ڏينهن فرضن بابت سوال نه ٿيندو.[1]

حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن هي 4 ڪم ارشاد فرمايا آهن: (1): جنهن حج ڪيو (2): جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي (3): جنهن جهاد ۾ شرڪت ڪئي (4): جنهن بيت المقدس (يعني مسجدِ اقصٰي ۾ وڃي ڪري) مون تي درود پاڪ پڙهيو. هي 4 ڪم جيڪو ٻانهو ڪندو ان کان قيامت جي ڏينهن فرضن بابت به سوال نه ٿيندو، عالم سڳورا هي به فرمائن ٿا ته مطلب هي ناهي ته جنهن هي چار ڪم ڪيا ان کي ئي هيءَ فضيلت ملندي، ايئن ناهي بلڪ انهن 4 ڪمن مان هڪ ڪم به جيڪو ٻانهو ڪندو ان کي به هيءَ فضيلت ملندي۞جيڪو ٻانهو حج ڪري ان کان به قيامت جي ڏينهن سوال نه ٿيندو۞جيڪو مصطفٰي ڪريم جي روضي جي زيارت ڪري ان کان به قيامت جي ڏينهن سوال نه ٿيندو۞جيڪو جهاد ۾ شرڪت ڪري ان کان به سوال نه ٿيندو۞۽ جيڪو بيت المقدس ۾ وڃي ڪري اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پڙهي ان کان به قيامت جي ڏينهن سوال نه ٿيندو.

---

[1]... لسان الميزان ، جلد:2، صفحہ:265، حديث:1405۔

## ٻن مقبول حجن جو ثواب

الله كريم جي محبوب، اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو: مَنْ حَجَّ إِلَى مَكَّةَ ثُمَّ قَصَدَنِي فِي مَسْجِدِي كُتِبَتْ لَهُ حِجَّتَانِ مَبْرُوْرَتَانِ جيڪو ٻانهو مڪي مڪرم پهتو، حج ڪيائون پوءِ ان، منهنجي مسجد جو ارادو ڪيو، (يعني مديني پاڪ پهتو) ان جي لاءِ ٻن مقبول حجن جو ثواب لکيو ويندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! تورو غور ڪريو! هڪ حج ڪرڻ تي ڪيڏي محنت لڳندي آهي، لکين رپيا خرچ ٿيندا، سفر جي مشقت برداشت ڪبي آهي، ڪعبي جو طواف ڪرڻو پوندو، صفا ۽ مروه جي سَعي ڪئي ويندي، مِنٰي ۾ قرباني ڪئي ويندي، مُزدلف ۾ قيام ٿيندو، ميدانِ عرفات ۾ قيام ٿيندو، ايترين تڪليفون ۽ لکين رپيا خرچ ڪيا، ان جي باوجود حج قبول ٿيو يا نه؟ ڪير به نه ٿو ڄاڻي پر هي فضيلت ڏسو! جيڪو ٻانهو حج ڪري، حج ڪرڻ کان پوءِ مديني پاڪ پهچي ته ان کي هڪ نه ٻن حجن جو ثواب ملندو ۽ حج به اهو جنهن جي متعلّق شڪ ناهي ته قبول ٿيو به اَلائي نه بلڪ ٻن مقبول حجن جو ثواب ان کي ڏنو ويندو.

حاجيو! آؤ شهنشاه کا رَوضه ديکھو | کعبه تو ديکھ چکے کعبَه کا کعبَه ديکھو[2]

## ايمان مديني ڏي سمٽجي ويندو

بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي: حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا: اِنَّ الْاِيْمَانَ لَيَاْرِزُ اِلَى الْمَدِيْنَةِ كَمَا تَاْرِزُ الْحَيَّةُ اِلٰى جُحْرِهَا بيشڪ ايمان مديني جي طرف سمٽجي ويندو جيئن نانگ پنهنجي ٻرڙ (سوراخ) جي طرف سمٽجي ويندو آهي.[3]

---

[1]... کنز العمال، کتاب الحج، جز:5، جلد:3، صفحہ:52، حدیث:12366۔

[2]... حدائق بخشش، صفحہ:127۔

[3]... بخاری، کتاب فضائل المدینہ، صفحہ:498، حدیث:1876۔

هيءَ وڏي ايمان افروز حديث پاڪ آهي، عالم سڳورن هن حديث جون مختلف معنائون بيان ڪيون آهن، هڪ معنٰي تہ هيءَ آهي تہ قيامت جي ويجهو دجال نڪرندو تہ سڄي دنيا ۾ ايمان بچائڻ جي لاءِ ڪا پناهہ واري جڳهہ نہ هوندي، ان وقت ايمان مديني پاڪ ۾ سڪڙجي ويندو، مديني کان علاوه ايمان وارا ڪٿي بہ نہ هوندا.

محدثين ڪرام ان جي هڪ ٻئي معنٰي بيان ڪئي آهي: فرمائن ٿا: ٿورو ڏسو! مڪي مدني، محمدِ عربيصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مديني ۾ ايمان سمٽجڻ کي نانگ سان تشبيہ ڏني آهي، يعني فرمايائون تہ جيئن نانگ پنهنجي ٻرڙ (يعني سوراخ) ۾ هليو ويندو آهي، ايئن ئي ايمان مديني ۾ هليو ويندو، ٿورو غور ڪريو! نانگ پنهنجي ٻرڙ مان ٻاهر نڪرندو آهي، پنهنجي ضرورت جون شيون کڻندو آهي، کاڌو وغيره ان کي ڳولهڻو هوندو آهي، اهو ڳولهيندو آهي، ٻاهر گهمندي گهمندي ان تي سج جي اُس پوندي آهي، گرمي پوندي آهي، دَزي (مٽي) پوندي آهي جنهن سان ان جي کل پراڻي ٿي ويندي آهي سال ۾ ڪجهہ وقت ايئن گذاريندو آهي جو اهو لِڪي ويندو آهي، ٻاهر ناهي نڪرندو، جڏهن پنهنجو وقت پورو ڪرڻ کان بعد اهو ٻاهر نڪرندو آهي تہ ان جي کَلَ تبديل ٿي چڪي هوندي آهي، پراڻي کل لهي ويندي آهي، نئي تازي چمڪندڙ کلَ ان جي مٿان اچي ويندي آهي.

اها ئي ڳالهہ حديث پاڪ ۾ ٻڌائي وئي تہ جهڙي طرح نانگ سوراخ ۾ ويندو آهي تہ ان جي کلَ تازي چمڪندڙ ٿي ويندي آهي، ايئن ئي جڏهن ٻانهو دنيا ۾ هوندو آهي، ٻين شهرن ۾ پيل رهندو آهي تہ ان تي شيطان بہ حملو ڪندو آهي، نفس گناهہ بہ ڪرائيندو آهي، دنيا داري جي طرف دل مائل بہ ٿي ويندي آهي، جنهن جي ڪري ايمان ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي، ان وقت ايمان کي ٻيهر تازگيءَ جي ضرورت پوندي آهي ۽ هيءَ تازگي ڪيئن ملندي آهي؟ فرمايائون: اِنَّ الْاِیْمَانَ لَیَاْرِزُ اِلَی الْمَدِیْنَةِ ايمان مديني جي طرف مڙي ويندو آهي. يعني جڏهن

عاشقانِ رسول دنيا ۾ رهندا آهن ٻين شهرن ۾، پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ رهندا آهن، اتي هنن کي دنيادارن سان ٻه واسطو پوندو آهي، شيطان سان ٻه واسطو پوندو آهي، نفس ٻه گناه تي اياريندو آهي، هاڻي انهن جو ايمان ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي، پوءِ هو مديني پاڪ پهچندا آهن ته مديnaءِ منوره جي آب و هوا اهڙي نرالي، اهڙي ايمان تازو ڪندڙ آهي جو ان جي برڪت سان ايمان کي ٻيهر تازگي ملي ويندي آهي.

## مديني جي ڪَتل سان ايمان جي تازگي

وڏو عاشقِ رسول، حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مديني پاڪ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي محفل ۾ اڪثر مديني شريف جو ذڪر ٿيندو رهندو هو، جيڪڏهن ڪو مديني پاڪ جو زائر سندن ۾ حاضر ٿيندو هو ته ان کان مديني پاڪ جا حالات پڇندا، مديني پاڪ جي رهائشي عاشقانِ رسول جي خيريت پڇندا ۽ جيڪڏهن ڪو تبرڪ پيش ڪندو هو ته وڏي خوشيءَ سان قبول فرمائيندا ها. هڪ ڀيري هڪ حاجي صاحب مديني پاڪ کان واپس آيو، هُو ڪجور ڪٺي حاضر ٿيو ۽ حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ پيش ڪيائون، ان وقت حديث جو درس جاري هو (يعني ڪلاس لڳل هو) حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديث شريف پڙهائي رهيا هئا، پاڻ مديني پاڪ جون ڪجورون تمام طالبن ۾ ورهايون ۽ هڪ ڪجور پنهنجي ڏانن جي هينيان دٻائي رکي، پوءِ فرمايائون: خرماءِ مدينه (يعني مديني جي ڪجي) جيستائين سنهي ٿي ڪري اندر ويندي رهندي، ايمان تازو ٿيندو رهندو.[1]

ہوائیں آرہی ہیں کوچۂ پُرنورِ جاناں کی | کِھلی جاتی ہیں کلیاں، تازگی دِل کو میسر ہے[2]

سُبۡحٰنَ الله! خبر پئي! جيڪي عاشق آهن، انهن جو ته ايمان مديني جو نالو

[1]... حیاتِ محدث اعظم پاکستان، صفحہ:155۔

[2]... ذوقِ نعت ،صفحہ:256۔

ٻڌي ڪري ٻہ تازو ٿي ويندو آهي، عاشقن جو ايمان مديني جون شيون ڏسي ڪري مديني پاڪ کان آيل تبرڪات کي ڏسي ڪري مديني پاڪ جون ڪجورون کائي پنهنجي شهر ۾ رهي ڪري ٻہ انهن جو ايمان تازو ٿي ويندو آهي، تہ جڏهن اهي مديني پهچندا تہ پوءِ ايمان جي تازگيءَ جو عالم ڇا هوندو؟.

## مديني ۾ مرڻ جي خواهش

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان کي مديني جو عشق نصيب فرمائي! مديني شريف جي يادن ۾ تڙپڻ گهرجي، مديني پاڪ جي حاضريءَ جي لاءِ بيقرار ٿيڻ گهرجي، مديني شريف جي سرزمين جي اهميت جو اندازو هن مان لڳايو تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن کان ٿي سگهي اهو مديني ۾ مَري، ڇوتہ مان مديني وارن جي شفاعت فرمائيندُس.[1]

حضرت مُحدّثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو عشقِ رسول ڪمال جو هو، جڏهن مديني شريف حاضري ڏنائون تہ پاڻ ڪجھ وارَ ۽ ننهن شريف مديني پاڪ ۾ دفن ڪري ڇڏيا ۽ رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ ۾ مرڻ تہ منهنجي وسَ ۾ ناهي. البت پنهنجي جسم جا ڪجھ عُضوا دفن ڪري وڃي رهيو آهيان جو اسان غريبن جي لاءِ اها ئي غنيمت آهي.[2]

طيبہ ميں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھيں بند | سيدھی سڑک يہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے[3]

وضاحت: اي مديني جا زائر! هتي ئي وينا رهو ۽ هنيءَ دروازي تي عمر

---

[1]...ترمذی، کتاب المناقب، صفحہ:879، حديث:3920۔

[2]... حياتِ محدث اعظم پاکستان، صفحہ:155۔

[3]... حدائق بخشش، صفحہ: 222۔

گذاري ڇڏيو ۽ مطمئن ٿي وڃو تہ سڌو جنّت ۾ ويندؤ ڇو جو هي جنّت جو رستو آهي.

الله پاڪ اسان کي مديني جو عشق نصيب فرمائي، مديني جو شوق نصيب فرمائي، ڪاش! مديني شريف ۾ باربار، باربار حاضري نصيب ٿئي، آخرڪار بقيع پاڪ ۾ بہ گز زمين ملي وڃي، الله پاڪ اسان سڀني کي مديني جو عشق، مديني جو ذوق، مديني جو ذڪر، مديني جو فڪر، مديني جي ياد جي دولت نصيب فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني جو عشق حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سا وابستہ ٿي وڃو، ۽ ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ (يعني مسلمانن کي نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ) پڻ آهي.

اي عاشقانِ رسول! مسلمانن کي فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ داؤدي آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ حيدري ۽ سنّتِ فاروقي آهي بهرحال مسلمانن جا ٻيان خليفا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندي مسجد تشريف کڻي ايندا هئا.[1] اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## مديني جي حاضريءَ جي سعادت ملي وئي

پنجاب جي علائقي اِلٰہ آباد (ضلع قصور) جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان

[1]... طبقات الکبری، ذکر استخلاف عمر، جلد:3،صفحہ:263مفہوماً ۔

جو خلاصو آهي: الحمد لله! مان دعوتِ اسلاميءَ جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي هئس پر ديني ڪمن جي سلسلي ۾ سُستي جو شڪار هئس، هڪ ڏينهن ذميدار اسلامي ڀاءُ مونکي سمجهائيندي ديني ڪم ڪرڻ ۽ خاص طور فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري ديني ڪم جي خوب پابندي ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، الحمد لله! منهنجو ذهن بڻجي ويو ۽ مان اڳئين ئي ڏينهن ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ شروع ڪيو، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب محمدِ عربيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو، قسمت جو تارو هيئن چمڪيو جو انهي سال مونکي مديني پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي وئي، ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيو جو منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت نصيب ٿي وئي.

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول | ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول |
| سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللّٰہُ! | تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج ۽ عمره موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلاميءَ جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنون جاري ٿي چڪيون آهن، انهن مان هڪ ايپليڪيشن آهي: ***hajj &umrah*** (حج ۽ عمره).

هن ايپليڪيشن جي مدد سان توهان حج ۽ عمري جو مختصر طريقو۞حج ۽ عمري جا ضروري شرعي مسئلا وغيره ڄاڻي سگهندؤ۞هن کان علاوه هن موبائل ايپليڪيشن ۾ حج ۽ عمري جون دعائون۞حرمين شريفين مُقدَّس

مقامات جي معلومات وغيره پڻ شامل آهي۞هن موبائل ايپليڪيشن جو هڪ نهايت اهم فيچر هي آهي تہ هن ۾ ٿري ڊي وڊيوز (3D Video) جي ذريعي حج ۽ عمري جو عملي طريقو بہ سيڪاريو ويو آهي. هن ايپليڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، هن مان فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عمامي شريف جون سنتون ۽ آداب

بہ فرامين آخري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): عمامي سان ٻہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) 10 هزار نيڪين جي برابر آهي.[2] (2): عمامو ٻڌو توهان جو حِلم وڌندو.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! عمامو ويهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو۞جنهن ان جو اُبتڙ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتو) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي (يعني طبيبن کي دوا جو علم ناهي)۞عمامو

---

[1]…مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

[2]… مسندالفردوس، جلد:2، صفحہ:406، حديث:3805۔

[3]…مستدرک، کتاب اللباس، جلد:5، صفحہ:272، حديث:7488۔

ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيّتون ڪري وٺو هڪ ٻه سني نيت نه هوندي ته ثواب نه ملندو۞مناسب هي آهي ته عمامي شريف جو پهريون پيچ ساڄي پاسي وڃي۞ الله پاڪ جي آخري رسولﷺ جن جي عمامي مبارڪ جو شملو عام طور پُشت (يعني مبارڪ پُٺيءَ) جي پويان هوندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي درميان 2 شملا هوندا هئا۞کاٻي پاسي شملو لڙڪائڻ سنّت جي خلاف آهي۞عمامي جي شِملي جو مقدار گهٽ ۾ گهٽ چار آڱر ۽ وڌ ۾ وڌ (اڌ پني تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ (وچين آڱر جي چوٽي کان نونڻ تائين جي ماپ هڪ هٿ چورائيندي)۞عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو.۞مراٰت ۾ آهي: عمامو بيهي ڪري ٻڌڻ سنّت آهي مسجد ۾ ٻڌي يا ٻئي هنڌ ۽۞عمامي ۾ سنت هي آهي ته اڍائي گز کان گهٽ نه هجي، نه ڇهه گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش (ٻڌڻ) گنبذ نما هجي.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...550سنتیں اور آداب، صفحہ:54-56ملتقطاً۔